# 3. شاهہ جا بيت

شاه عبداللطيف (1689-1752ع) سنڌيءَ جو عظيم شاعر ۽ دنيا جي چوندا شاعرن، شيڪسپيئر، هومر، ملٽن ۽ ڪاليداس جو مَٽ مڃيو وڃي ٿو. هو سنڌ -هند ۾ ’ڀٽائي گهوٽ‘ جي نالي سان مشهور آهي. شاه جي ڪلام جو سمورو خزانو ’شاه جو رسالو‘ ۾ ڏنل آهي.



نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏکہ
منجهان صبر سکہ جي سنواريا! سمجهين
ڪِم! ڪمندن ڪٿيو، هارايو هوڏن
چڪيو ناچوندن، هو جو ساءُ صبر جو
چنڊ! تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرين سمِن
تون اَڇو ۾ رات، سڄڻ نِتُ سوجهرا
اڻ چوندن ۾ رچؤ، چوندن چيو وسار،
انئي پهر ادب سين، پر اهائي پار
پايو منهن مونن ۾، غُربت ساڻ گذار
مفتي منجهہ وهار، تہ ’قاضي‘ ڪانيارو نہ ٿئين.

## نوان لفظ :

| | | |
|---|---|---|
| ڏمر = غصو، | ڪم = صبر، ڌيرج | هوڏ= هٺ |
| ساءُ = سواد، ذائقو | پاڙيان = ڀيٽ ڪريان | پرين = سڄڻ |
| غربت = غريبي | مفتي = جج | مونن=گوڏن |
| اَڇو = روشن | ڪانيارو = محتاج | نِتُ = سدائين |
| سوجهرا = روشني | | |

## اَڀياس

سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-

١. هن دنيا ۾ ڪنهن ڪٿيو آهي؟
٢. شاهہ صاحب چنڊ لاءِ ڇا ٿو چوي؟
٣. ’قاضيءَ‘ اَڳيان ڪنهن کي ڪانيارو نہ ٿيڻو پوي ٿو؟

سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :

١. ’نمي ڪمي نهار تون‘ سٽن ۾ شاهه صاحب ڇا سمجهايو آهي؟

سوال ٣ - (الف) خال ڀريو :

١. نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڃو ..................

٢. انئي پهر ............... سين پر اِهائي پار.

٣. مفتي منجهه وهار تہ ............... ڪانيارو نہ ٿئين.

(ب) جوڙا ملايو

| | |
|---|---|
| ١. چنڊ! تنهنجي ذات | هارايو هوڏن |
| ٢. ڪِر! ڪمندن ڪتيو. | هوُ جو ساءُ صبر جو |
| ٣. چکيو نا چوندن | پاڙيان نہ پرين سين |

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر بند تي عملي ڪم :

اَڻ چوندن ۾ چؤ ..................... تہ قاضي ڪانيارو نہ ٿئين.

(i) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو :

(١) هڪ عدد    (٢) ’نہ‘ لاءِ    (٣) فيصلو ڪندڙ    (۴) وقت سان لاڳاپو رکندڙ

(ii) ’’چوندن چيو وسار ‘‘ سٽ جي سمجهاڻي لکو :

(iii) جوڙا ملايو :

| | |
|---|---|
| (١) پر اِهائي پار | (١) 24 ڪلاڪ |
| (٢) غربت ساڻ گذار | (٢) لاچار نہ ٿئي |
| (٣) ڪانيارو نہ ٿئي | (٣) اِهو ئي سچو رستو |
| (۴) اَٺ ئي پهر | (۴) نهنائيءَ سان زندگي گذار |

(٢) ’قدرت‘ اِن وشيہ تي مضمون لکو.

(٣) وڌيڪ ڄاڻ : اِنٽرنيٽ جي https://en.m.wikipedia.org,ShalAbdullatif.

تي وڃي شاهه صاحب بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.